# جهنم جي وادي "وَيۡل" جا حقدار ڪير

**09-NOVEMBER-2023**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

9 نومبر، 2023ء پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# جهنم جي وادي ”وَيْل“ جا حقدار ڪير

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... جهنم جي وادي وَيّل جو تعارف

✿... حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو خوفِ خدا

✿... بي نمازيءَ جون ٿي شامتون

✿... قبر جو ساٿي ڪير.....؟

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: ”مَنْ صَلَّى عَلَى صَلَاةً وَاحِدَةً صَلَّى اللهُ عَلَيه عَشْراً، جنهن مون تي هڪ ڀيرو دُرُودِ پاڪ پڙهيو الله پاڪ ان تي ڏهه (10) رَحمتون نازِل فرمائيندو آهي وَمَنْ صَلَّى عَلَى عَشْراً صَلَّى اللهُ عَلَيه مِاءَةً ۽ جيڪو مون تي ڏهه (10) ڀيرا دُرُودِ پاڪ پڙهي الله پاڪ ان تي سو (100) رحمتون نازل ڪندو آهي، وَمَنْ صَلَّى عَلَى مِاءَةً كَتَبَ اللهُ لَه بَيْنَ عَيْنَيه بَرَاءَةً مِّنَ النِّفَاقِ وَبَرَاءَةً مِّنَ النَّار ۽ جيڪو مون تي سو (100) ڀيرا دُرُودِ پاڪ پڙهي الله پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکندو آهي تہ هي شخص نِفاق ۽ جَهنَّم جي باهه کان آزاد آهي وَاَسْكَنَه اللهُ يَوْمَ الْقِيامَةِ مَعَ الشُّهدَاء ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو.[1]

بچاوے تم کو جو دوزخ سے ایسے مُحسن پر
سدا اسلام کہو عمر بھر درود پڑھو
عبث گناہوں کی شامت میں مارے پھرتے ہو
خدا کی تم پہ ہو رحمت اگر درود پڑھو[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] معجم اوسط، من اسمہ محمد، جلد:5، صفحہ:252، حديث:7235

[2] ... نورِايمان، صفحہ:57۔

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَاالۡاَعۡمَالُ بِالنِّيّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. [1]

پيارا اسلامي ڀائرو! سٺي نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري ٿا وٺون، مثال طور نيت ڪيو نگاهون هيٺ ڪري بيان ٻڌندس، علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيترو دير ٿي سگهيو گوڏن ڀر يعني التَّحِيَّات ۾ ويهڻ جيان ويهندس، ضرورتًا سرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس، ڌڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهُورڻ، جهڻڪڻ، تڪرار ڪرڻ کان بچندس، بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس، هٿ ملائيندس ۽ انفرادي ڪوشش ڪري نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪندس.اِنْ شَآءَ اللهُ الْڪَرِيْم!

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# ڊڄو..! ان باهہ کان

سيپارو1: سورت بقره، آيت: 24 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| فَاتَّقُوا النَّارَ الَّتِیۡ وَقُوۡدُهَا النَّاسُ وَ الۡحِجَارَةُ ۚۖ (پاره:1،البقره:24) | ترجموڪنزالعرفان: ڊڄو ان باهہ کان جنهن جو ٻارڻ انسان ۽ پٿر آهن. |

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيتِ ڪريمہ ۾ جهنم جي هولناڪين کي بيان ڪيو ويو آهي تہ جهنم جي باهہ اهڙي خطرناڪ آهي جو ان جو ٻارڻ انسان ۽ پٿر آهن، اسان وٽ موجود دنيا جي جيڪا باهہ آهي هي پٿرن کي گرم تہ ڪري ڇڏي ٿي

[1] بخاري، ڪتَاب بَدءِ الْوَحي، صفحو:65، حديث:1ـ

آهي پر ساڙي نتي سگهي پر جهنم جي باهه اهڙي تہ هولناڪ باهه آهي جو پٿرن کي بہ ساڙي ڇڏيندي. (1) پوءِ ڳڻوڳڻ هن آيتِ ڪريمہ ۾ صاف صاف حڪم ڏنو ويو تہ اي انسانو! جهنم کان ڊڄو! ۽ جهنم ۾ وڃي وڃڻ وارن ڪمن کان بچڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪيو.

مغفرت کاہوں تجھ سے سُوالی    پھیر نااپنے دَر سے نہ خالی
مجھ گنہگار کی التجا ہے    یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے
نارِ دوزخ سے مجھ کو اماں دے    مغفرت کرکے باغِ جناں دے
کردے رحمت مری التجا ہے    یاخُدا تجھ سے میری دُعا ہے (2)

## جهنم جو مختصر تعارف

**بهارِ شريعت** ۾ آهي: ❁ جهنم اها جاءِ آهي جتي الله پاڪ جي قهر و غضب جو ظهور آهي. ❁ جهنم جون چڻنگون اوچي اوچي محلن جي برابر اڏامنديون.[3] انسان ۽ پٿر ان جو ٻارڻ آهن[4] ❁ هي جيڪا دنيا جي باهه آهي، جنهم جي باهه جي 70 حصن مان هڪ حصو آهي.[5] ❁ جنهن کي جهنم ۾ گهٽ درجي جو عذاب ٿيندو ان کي باهه جون جوتيون پارايون وينديون، جنهن سان انهن جو دماغ ايئن ٽهڪندو جيئن ٽامي جي ديڳڙي ٽهڪندي آهي، هو سمجهندو تہ سڀني کان گهڻو عذاب انهي کي ٿي رهيو آهي، حالانڪ ان تي سڀني کان هلڪو عذاب ٿيندو.[6]

---

1 تفسيرِ نعيمی،پارہ:1 ،البقرہ،زيرِ آيت:24 ،جلد:1 ،صفحہ:225 بتغير قليل۔
2 ...وسائلِ بخشش ،صفحہ:136 ملتقطًا۔
3 پارہ:29 ،المرسلات:32۔
4 پارہ:1 ،البقرہ:24۔
5 مسلم،کتاب الجنة و صفة نعيمها و اهلها،باب فی شدة حر نار جهنم...الخ،صفحہ:1092،حديث:2843ملتقطًا۔
6 مسلم،کتاب الايمان،باب اهون اهل النار عذابا،صفحہ:102،حديث:213۔

۞ **حديث شريف** ۾ آهي: هي دنيا جي باھ (جنهن جي گرمي ۽ تپش کي ڪير نٿو ڄاڻي، هي باھ) بہ ربّ پاڪ کان دعا گهرندي آهي تہ ان کي جهنم جي باھ ۾ نہ موٽايو وڃي.[1]

**افسوس!** تعجب آهي انسان تي جيڪو جهنم ۾ وڃڻ وارا ڪم ڪري ٿو ۽ ان باھ کان نٿو ڊڄي جنهن سان باھ بہ ڊڄندي ۽ پناھ گهرندي آهي.[2]

## جهنمين جو حال بي حال

حضرت سيدُنا عبدُالله بن عَمرو بن عاص رضي الله عنه فرمائن ٿا: جهنم وارا (عذابِ جهنم کان تنگ اچي) جهنم جي دروازي تي مقرر ملائڪ حضرت مالڪ عليه السلام کي پڪاريندا: پاڻ عليه السلام کو بہ جواب نہ ڏيندا، ايستائين جو اهي 40 سالن تائين پڪاريندا رهندا، پوءِ پاڻ عليه السلام جواب ۾ انهن کي صرف ايترو چوندا: اِنَّكُمۡ مَّاكِثُوۡنَ يعني توهان هميشہ هتي ئي رهندؤ. پوءِ جهنم وارا الله پاڪ کي پڪارڻ شروع ڪندا، الله پاڪ بہ انهن کي جواب نہ ڏيندو، آخر ڊگهي عرصي کان بعد فرمايو ويندو: تڙيل جهنم ۾ پيل رهو! مون سان نہ ڳالهايو![3]

بعض **روايتن** ۾ آهي: جهنمي هڪ هزار سال تائين رڙيون ڪندا رهندا پر ڪو فائدو نہ ٿيندو، پوءِ هڪٻئي ۾ چوندا: اسان دنيا ۾ صبر ڪندا هئاسين تہ مشڪلات کان نجات ملندي هئي، سو اهي هڪ هزار سال تائين صبر ڪندا رهندا، پوءِ بہ عذاب ۾ ڪا ڪمي نہ ايندي، پوءِ اهي الله پاڪ کان بارش گهرندا. هڪ هزار سال تائين بارش گهرندا رهندا، آخر هڪ هزار سال کان بعد الله پاڪ حضرت جبريلِ امين عليه السلام کي فرمائيندو: اي جبريل! اهي ڇا ٿا چاهن؟ جبريلِ امين عليه السلام عرض ڪندا: مولٰي! تون بهتر ڄاڻين ٿو، هي بارش

---

1... ابنِ ماجہ،ڪتاب الزہد،باب صفۃ النار،صفحہ:700،حديث:4318۔
2...بہارِ شريعت،جلد:1،صفحہ:163 تا 165،حصہ:1 بتغيرٍ قليل۔
3...تنبيہ الغافلين، باب صفۃ النار اہلها، صفحہ:31 خلاصۃ۔

گھرن تا. تڏهن جهنم وارن جي لاءِ هڪ ڳاڙهي رنگ جو بادل موڪليو ويندو، اهي سمجهندا تہ بارش وسڻ لڳي آهي پر ان بادل مان خچر جيترا وڏا وڏا وڇون وَسندا، هي اهڙا خطرناڪ وڇون هوندا جو جنهن کي هڪ ڀيرو ڏنگيندا، هڪ هزار سال تائين ان جي تڪليف نہ ويندي، جهنم وارا وري الله پاڪ کان بارش گُهرندا، هن ڀيري انهن جي لاءِ ڪاري رنگ جو بادل موڪليو ويندو، اهي سمجهندا هن ڀيري بارش وسندي پر ان بادل مان اُٺ جي ڳچيءَ جهڙا ٿُلها ٿُلها نانگ وسندا، جيڪي انهن کي ڏنگيندا رهندا.[1]

هڪ ٻئي روايت ۾ آهي: اهي ماڻهو جن جي لاءِ جهنم جو حڪم ٻڌايو ويندو، جڏهن انهن کي جهنم جي طرف هڪليو ويندو، اهي جهنم ۾ ان جي دهشتناڪ عذابن کي ويجهي کان ڏسندا تہ حضرت مالڪ عَلَيْهِ السَّلَام کي عرض ڪندا: اي مالڪ! اسان کي پنهنجو پاڻ تي روئڻ جي اجازت ڏيو! حضرت مالڪ عَلَيْهِ السَّلَام انهن کي جهنم ۾ وجهڻ کان پهريان روئڻ جو موقعو ڏيندا، اهي ماڻهو روئڻ شروع ڪندا، ايستائين جو ڳوڙها ختم ٿي ويندا ۽ انهن جي اکين مان رت وهڻ شروع ٿي ويندو، حضرت مالڪ عَلَيْهِ السَّلَام فرمائيندا: ڪيترو چڱو روئڻ آهي جيڪڏهن اهو دنيا ۾ هجي ها...!! جيڪڏهن توهان دنيا ۾ الله پاڪ جي خوف کان ايترو روئو ها تہ اڄ جهنم جي باهہ توهان کي ڇُهي بہ نہ سگهي ها...!! پوءِ حضرت مالڪ عَلَيْهِ السَّلَام انهن کي جهنم ۾ وجهي ڇڏيندا.[2]

| | |
|---|---|
| خوفِ دوزخ کا آہ! رحمت ہو | خاکِ طیبہ کا واسطہ یا ربّ! |
| میرا نازک بدن جہنّم سے | از طفیلِ رضا بچا یا ربّ![3] |

[1]...تنبيہ الغافلين، باب صفة النار اہلھا، صفحہ:32۔
[2]...تنبيہ الغافلين، باب صفة النار اہلھا، صفحہ:35 خلاصةً۔
[3]... وسائلِ بخشش ،صفحہ:80۔

# جهنم نهايت خطرناڪ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو!غور ڪيو! جهنم ڪيتري قدر خطرناڪ آهي...!! هي ته اهي ڳالهيون آهن جيڪي روايتن جي ذريعي اسان کي معلوم ٿي ويون آهن، نه ته حديث پاڪ ۾ آهي: جيترو ٿي سگهي جهنم کي ياد ڪيو! توهان جهنم جي ڪنهن به شيءِ جو جيڪو به تصور ڪندؤ، جهنم ان کان به وڌيڪ سخت آهي. (1)

هائے حُسنِ عمل نہیں پلے
گرمیٔ حشر، پیاس کی شدَّت

حشر میں میرا ہوگا کیا یارَبّ!
جامِ کوثر مجھے پلا یارَبّ!(2)

# جهنم کان بچڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪيو!

الله پاڪ جي پياري ۽ آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: (اي انسانو) جنت کي حاصل ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪيو ۽ پوري ڪوشش سان جهنم کان پري ڀڄو...! بيشڪ جنت جو طلبگار ڪڏهن غافل ناهي ٿيندو، بيشڪ جهنم کان پري ڀڄڻ وارو ڪڏهن غفلت جي ننڊ ناهي سمهندو، بيشڪ آخرت ناپسنديده ڪمن کان پريل آهي (يعني آخرت ۾ ڪاميابي جي لاءِ نفساني خواهشن کي ڇڏڻو پوندو آهي) جڏهن ته دنيا لذتن ۽ خواهشن سان پريل آهي، پس دنيا جون هي لذتون ۽ خواهشون توهان کي آخرت کان هرگز غافل نه ڪن.[3] اچو ملي ڪري گنهگارن کي بخشرائڻ واري آقا، جنت ڏيارڻ واري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاه ۾ فرياد ڪيون ٿا:

میں مجرم ہوں جہنّم میں اگر پھینکا گیا مجھ کو
لپک کر آگ کے شعلے لپٹتے ہوں گے، بربادی

ہلاکت ہوگی ہائے! کیا کروں گا یارسولَ اللہ!
کرم کردو یہ سب کیسے سہوں گا یارسولَ اللہ!

---

1 ...تنبيه الغافلين، باب صفة النار اہلها، صفحه:33۔
2 ... وسائلِ بخشش ،صفحه:80۔
3 كنز العمال،كتاب المواعظ و الرقائق،الفصل العاشر،جز:15 ،جلد:8،صفحه:392 ،حديث:43591

اندھیری آگ ہو گی، روشنی بالکل نہیں ہو گی
کرم کر دو یہ سب کیسے سہوں گا یارسولَ اللہ!

وہاں کانوں میں، آنکھوں میں، ذہن میں پیٹ میں بھی آگ
کرم کر دو یہ سب کیسے سہوں گا یارسولَ اللہ!

فرشتے ڈانٹتے ہوں گے، ہتھوڑے مارتے ہوں گے
کرم کر دو یہ سب کیسے سہوں گا یارسولَ اللہ!

وہاں سانپ اور بچھو بھی مسلسل ڈس رہے ہوں گے
کرم کر دو یہ سب کیسے سہوں گا یارسولَ اللہ!

غذا دوزخ کی تھوہر اور اُوپر کھولتا پانی
کرم کر دو یہ سب کیسے سہوں گا یارسولَ اللہ!

نہ مانگے موت آئے گی، نہ بیہوشی ہی چھائے گی
کرم کر دو یہ سب کیسے سہوں گا یارسولَ اللہ!

جو تم چاہو گے تو ہوں گی مری سب مشکلیں آساں
وگرنہ نار میں، میں جا پڑوں گا یارسولَ اللہ!

تمہارا ہوں غُلام اور ہے غُلامی پر مجھے تو ناز
کرم سے ساتھ جنّت میں چلوں گا یارسولَ اللہ![1]

## جهنم جي وادي ويل جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! جهنم جون ڪيئي واديون آهن، انهن مان هڪ وادي آهي، جنهن نالو **ويل** آهي. هيءَ جهنم جي تمام هولناڪ وادي آهي. هن ۾ مختلف قسم جا عذاب ڏيندا. ڪجهه روايت ۾ آهي ته ويل هڪ کوهه آهي، جتي اهل جهنم جو رت ۽ پونءِ جمع ٿيندو.[2] پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جڏهن ڪافر کي جهنم ۾ وڌو ويندو ته اهي جهنم جي اونهائي ۾ ڪرڻ کان پهريان 40 سال تائين **ويل** نالي وادي ۾ رهندا.[3] حضرت عطاء بن يسار رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: **ويل** نالي جهنم جي وادي ايتري هولناڪ آهي جو جيڪڏهن ان ۾ جبل وڌا وڃن ته اهي به ان جي گرمي سان پگهرجي ويندا.[4]

---

1 ... وسائلِ بخشش، صفحہ:324 - 325 ملتقطًا۔
2 معجمِ کبیر،جلد:4، صفحہ:544، حدیث:9015۔
3 ترمذی موسوعہ ابنِ ابی الدنیا،صفۃ النار،جلد:6، صفحہ:406۔
4 موسوعہ ابنِ ابی الدنیا،صفۃ النار،جلد:6، صفحہ:406۔

الله پاڪ جي پناھ! الله پاڪ جي پناھ! الله پاڪ اسان کي جهنم کان ۽ جهنم جي هن هولناڪ وادي کان محفوظ فرمائي.

گنہگار ہوں میں لائقِ جہنّم ہوں
کرم سے بخش دے مجھ کو نہ دے سزا یارَبّ!
برائیوں پہ پشیماں ہوں رحم فرمادے
ہے تیرے قہر پہ حاوِی تِری عطا یا رَبّ! [1]

## ويل جو حَقدار بڻائڻ وارا عمل

پيارا اسلامي ڀائرو! جهنم جي هن هولناڪ وادي جو حقدار ڪير آهي؟ اهي ڪهڙا بُرا عمل آهن، جيڪي هن وادي ۾ وڃڻ جو سبب بڻجي سگهن ٿا؟ اچو! ٻڌون ٿا ۽ هن نيت سان ٻڌون ٿا تہ اسان برن ڪمن کان بچي ڪري پاڻ کي جهنم کان بچائي جنت جو حقدار بڻائڻ جي ڪوشش ڪنداسي. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

## (1) ڪافر ويل جا حَقدار آهن

الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنَ النَّارِ ﴿٢٧﴾ (پاره:23،الصاد:27) | ترجموڪنزالعرفان: سو ڪافرن جي لاءِ باھ جي خرابي آهي. |

خبر پئي: ڪفر جهنم جي ويل نالي وادي جو حقدار بڻجڻ جو سبب آهي.

## ڪفر کان نفرت ڪيو

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اسان مسلمان آهيون، يقيناً هي الله پاڪ جي تمام وڏي نعمت آهي، اسان جو ڪلمو پڙهڻ، مسلمان ٿيڻ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! جهنم کان بچي جنت ۾ وڃڻ جو ذريعو بڻجي ويندو پر ياد رکو! جهنم کان

[1]... وسائلِ بخشش،صفحہ:78۔

بچڻ ۽ جنت جو حقدار بڻجڻ جي لاءِ صرف مسلمان هجڻ ڪافي ناهي بلڪ ايمان سلامت ڪٽي دنيا کان وڃڻ به ضروري آهي..

انهي ڪري اسان کي گهرجي ته اسان پنهنجي ايمان بابت فڪر ڪيون، الله پاڪ اسان کي ايمان جي دولت کان نوازيو آهي، ان جي قدر به ڪيون، ان جو شڪر به ادا ڪريون ۽ گڏوگڏ ڪفر کان نفرت به ڪندا رهون. حديث شريف ۾ آهي: جنهن ۾ ٽي ڳالهيون هجن، اهو ايمان جي مناڻ ماڻي وٺندو آهي (انهن 3 مان هڪ ڳالهه هي ارشاد فرمائي: ) اهو ايمان کان بعد ڪفر جي طرف موٽڻ کي ايئن ناپسند ڪري، جيئن باهه ۾ ڪِرڻ کي ناپسند ڪندو آهي.[1]

خبر پئي: ايمان وارو رهڻ، ايمان جي سلامتي سان قبر ۾ لهڻ ۽ ان جي ذريعي جنت جو حقدار بڻجڻ جي لاءِ ضروري آهي ته اسان ڪفر کان هردم نفرت ڪيون.

## ايمان جي سلامتي جو فڪر ڪيو!

افسوس! اڄڪلهه ايمان جي سلامتي جو فڪر تمام گهٽ ماڻهن کي ٿيندو آهي. ۞ عام طور ماڻهون پنهنجي نفس تي ڀروسو ڪندا آهن. ۞ بدمذهبن ۽ برن ماڻهن جي صحبت ۾ ويهڻ، ۞ گناهن ۾ مصروف رهڻ. اسان ڇا سکي رهيا آهيون، ڪنهن کان سکي رهيا آهيون، وغيره جو بلڪل فڪر نه ڪرڻ. ۞ علم دين کان پري ڀڄڻ. ۞ غيرمسلمن جي نقل ڪرڻ. ۞ انهن جو لٽريچر پڙهڻ. ۞ غير مستند ماڻهن ۽ غير مستند طريقن (مثلاً سوشل ميڊيا، انٽرنيٽ، يوٽيوب، فيس بڪ وغيره) جي ذريعي دين سکڻ جي ڪوشش ڪرڻ وغيره ايمان جي ڪسجي وڃڻ جا سبب آهن پر افسوس! اڄڪلهه اڪثريت انهن ڪمن ۾ مبتلا نظر اچي ٿي.

اي عاشقانِ رسول: الله پاڪ اسان کي ايمان جي دولت عطا فرمائي آهي ته

---

[1] بخاري،ڪتاب بدء الايمان،باب حلاوة الايمان،صفحہ:74،حديث:16 ملتقطاً

اسان کي هن جي قدر ڪرڻي آهي، ان جي حفاظت ڪرڻ اسان جي ذميواري آهي، انهي ڪري اسان کي گهرجي تہ الله پاڪ جي خفيہ تدبير کان هر دم ڏڄندا رهون ۽ هر گهڙي ايمان جي سلامتي جو فڪر ڪندا رهون.

## خفيہ تدبير کان بي خوفي سخت نقصانده آهي

قرآنِ مجيد ۾ آهي:

فَلَا يَاْمَنُ مَكْرَ اللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ الْخٰسِرُوْنَ۠(۹۹)

(پاره:9، الاعراف:99)

ترجموڪنز العرفان: پوءِ اللّٰه جي خفيہ تدبير کان صرف تباهہ ٿيڻ وارا ماڻهو بي خوف ٿيندا آهن.

عالم سڳورا فرمائن ٿا: اللّٰه پاڪ جي خفيہ تدبير کان بلڪل بي خوف ٿيڻ گناهِ ڪبيره آهي.[1]

## حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو خوفِ خدا

حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اسلام جا مفتي، تمام وڏا عالم، عبادت ۾ ڪثرت ڪرڻ وارا ۽ تقويٰ ۽ خوف خدا وارا هئا، سندن جي باري ۾ اچي ٿو تہ سندن چيلهہ جواني ئي ۾ چبي ٿي وئي هئي ماڻهن ڪيئي ڀيرا ان جو سبب ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪو جواب نہ ڏنو، سندن هڪ شاگرد (Student) ڪافي عرصي تائين ڪنهن موقعي جي تلاش ۾ رهيو تہ ڪائنس ان جو سبب دريافت ڪري سگهي، آخر هڪ ڏينهن ان موقعو ڏسي ڪائنس ان جي باري ۾ پڇي ئي ورتو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پهريان تہ ڪو جواب نہ ڏنو پر پوءِ ان جي زور پرڻ تي فرمايائون، منهنجو هڪ استاد جن جو شمار وڏن عالمن ۾ ٿيندو هو ۽ مون ان کان ڪيئي علوم وفنون سکيا هئا، جڏهن ان جي وفات جو وقت ويجهو آيو تہ

[1] جہنم میں لے جانے والے اعمال، جلد:1، صفحہ:291۔

مون کي فرمائڻ لڳا، اي سفيان! ڇا توکي خبر آهي تہ مون سان ڪهڙو معاملو پيش آيو؟ مان پنجاهہ سال تائين ربّ جي مخلوق کي ربِ ڪريم جي اطاعت ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي تلقين ڪندو رهيس، پر افسوس! اڄ جڏهن منهنجي زندگي جو ڏيئو وسامڻ جي ويجهو آهي جيڪڏهن الله ڪريم مون کي پنهنجي بارگاهہ مان هي فرمائي ڪڍي ڇڏيو تہ تون منهنجي بارگاهہ ۾ اچڻ جي اهليت نٿو رکين، پنهنجي استاد جي اها ڳالهہ ٻڌي خوف سبب منهنجي چيلهہ ٽٽي پئي، جنهن جي ٽٽڻ جو آواز اتي موجود ماڻهن بہ ٻڌو ۽ مان پنهنجي رَبّ ڪريم جي خوف مان لڙڪ وهائيندو رهيس ۽ نوبت ايستائين پهتي جو مان بيمار ٿي پيس.[1]

فکرِ مَعَاش بدبلا، ہَولِ مَعَاد جاں گُزا

لاکھوں بلا میں پھنسنے کو رُوح بدن میں آئی کیوں؟

يعني زندگي جا اسباب مثلاً کائڻ پيئڻ وغيره جو فڪر! قبر جي تنگي ۽ قيامت جي هولناڪين جو خوف! اهڙين لکين بلائن ۾ ڦاسڻ جي لاءِ روح بدن ۾ آئي ڇو هئي.....؟

الله پاڪ اسان کي ايمان جي حفاظت ڪرڻ، ايمان جي سلامتي جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ ۽ ڪفر جي طرف موٽڻ کان هميشہ ڊڄندو رهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

ایماں پہ رَبِّ رحمت دے دے تُو استقامت | دیتاہوں واسطہ میں تجھ کو ترے نبی کا(2)

---

[1] خوفِ خُدا، صفحہ:80۔

[2]... وسائلِ بخشش، صفحہ:178۔

## (2) ماپ تور ۾ گهٽتائي ڪرڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! جهنم جي هولناڪ وادي ويل جو حقدار بڻائڻ وارو ٻيو برو عمل آهي: ماپ تور ۾ گهٽتائي ڪرڻ. اللّٰه پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

اللّٰه پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَيۡلٌ لِّلۡمُطَفِّفِيۡنَ ۙ﴿۱﴾ الَّذِيۡنَ اِذَا اكۡتَالُوۡا عَلَى النَّاسِ يَسۡتَوۡفُوۡنَ ۫﴿۲﴾ وَ اِذَا كَالُوۡهُمۡ اَوۡ وَّزَنُوۡهُمۡ يُخۡسِرُوۡنَ ؕ﴿۳﴾

(پاره:30، المطففين:1 -3)

ترجموڪنزالعرفان: گهٽ تورڻ وارن جي لاءِ خرابي آهي اهي ماڻهو جو جڏهن ٻين ماڻهن کان ماپي وٺن ته پورو وصول ڪن ۽ جڏهن هو انهن کي ماپي يا توري ڏين ته گهٽ ڪري ڏين.

## ماپ تور انتهائي اهم معاملو آهي

تفسيرِ صراط الجنان ۾ آهي: ماپ تور نهايت اهم معاملو آهي؛ تقريباً تمام ماڻهن جو وکڻڻ ۽ خريد ڪرڻ سان واسطو پوندو آهي ۽ گهٽي قدر شين جي وکڻڻ ۽ خريد ڪرڻ، ماپڻ ۽ تورڻ تي مَبني آهي، (ان ڪري قرآنِ ڪريم ۾ ڪيئي مقامن تي ان جي اهميت کي بيان ڪيو ويو آهي). صحيح ماپڻ ۽ تورڻ جو انجام دنيا ۾ به بهتر ٿيندو آهي جو ❁ ان سان ماڻهن جو اعتبار قائم رهندو آهي تجارت ۾ خوب اضافو ٿيندو آهي ❁ ۽ رزق ۾ برڪت ٿيندي آهي. ۽ آخرت به يقيناً بهتر ٿيندي جو ❁ هن حوالي سان ماڻهن جو ان تي ڪو حق نه هوندو ۽ ايئن ماڻهو پنهنجو حق طلب ڪرڻ جي لاءِ ان کي نه پڪڙيندا ❁ هي حرام رزق کائڻ ۽ ڪارائڻ جي عذاب کان بچي ويندو ❁ ۽ ان جا نيڪ عمل محفوظ رهندا ❁ ۽ جيڪي ماڻهو ماپڻ تورڻ ۾ گهٽتائي ڪندا آهن،

انهن جي لاءِ سخت ۽ دردناڪ عذابَ آهن.[1]

## ماپ تور ۾ گھٽتائي جون صورتون

امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ❁ شين ۾ ملاوت ڪرڻ به ماپ تور جي خيانت ۾ شامل آهي ❁ اهڙي طرح ڪاسائي جيڪي گوشت سان گڏ اهڙيون هڏيون به توريندا آهن جو جن هڏين جو تورڻ عرف جي خلاف آهي، اهڙيءَ طرح جيڪو ڪپڙو خريد ڪرڻ وقت ڪپڙي کي ڍرو ڪري ماپيندو آهي هي به ماپ تور ۾ خيانت آهي پر وڪڻڻ وقت خوب ڇڪي ڪري ماپيندو آهي ته جيئن ڪپڙي جي مقدار ۾ فرق اچي وڃي، هي به ماپڻ ۾ گھٽتائي جي ئي صورت آهي جيڪا ماڻهوءَ کي جهنّم جو حقدار بڻائي ڇڏيندي آهي.[2]

## ماپڻ تورڻ ۾ گھٽتائي جو وبال

هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائي ٿو: مان هڪ پاڙي واري جي عيادت ڪرڻ جي لاءِ ويس، جيڪو اَناج جو واپار ڪندو هو، جڏهن مان ان جي پَرِ ۾ وينس ته ان کي باربار هي چوندي ٻڌو: باهه جا 2 جبل، باهه جا 2 جبل. جڏهن مون ان جي گھروارن کان ان جي باري ۾ پڇيو، ته انهن ٻڌايو ته ان وٽ اناج ماپڻ جا ٻه ماپا هئا، جڏهن هيءُ ڪنهن کان اَنُ خريد ڪندو هو ته ان کي وڏي پيماني سان ماپيندو هو ۽ جڏهن ڪنهن کي وڪڻندو ته ننڍي پيماني سان ماپي ڪري ڏيندو هو. اهو بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائي ٿو: پوءِ مان سمجهي ويس ته اهي ئي 2 ٿانوَ ان کي باهه جي جبلن جي صورت ۾ نظر اچي رهيا آهن.[3]

---

1 تفسير صراط الجنان ،پاره:30 ،سورۂ مطففين ،زيرِ آيت:1 تا3 ،جلد:10 ،صفحہ:571 -572 ملتقطًا
2 احياءالعلوم،کتاب آداب الکسب و المعاش،باب الثالث في بيان العدل ،جلد:2،صفحہ:100 ملتقطًاـ
3 بَحْرُ الدُّمُوْع ، الترہيب من الخيانة فی الميزان،صفحہ:182

الله پاڪ جي پناهہ...!! الله پاڪ جي پناهہ...!! اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! جيڪڏهن ڪو شخص ماپڻ تورڻ ۾ گهٽتائي ڪندو بہ هجي تہ اهو سڄي ڏينهن ۾ گهٽو ڪمائي وٺندو هوندو؟ اهي ئي ڪجهہ سؤ يا ڪجهہ هزار روپيا، پر انهن عارضي، فاني ڪجهہ سڪن جو وبال تہ ڏسو! نزع ۾ بہ مُشڪلات، قبر ۾ بہ عذاب، حشر ۾ بہ عذاب ۽ جهنّم جي حقداري ان کان علاوه آهي. هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عادت هئي تہ پاڻ جڏهن بہ ڪا شيءِ خريد ڪندو هيو تہ اڌ داڻو گهٽ وٺندو هو ۽ جڏهن ڪا شيءِ وڪڻندو تہ هڪ داڻو وڌيڪ ڏيندو ۽ فرمائيندو هو: خرابي آهي ان جي لاءِ جيڪو هڪ داڻي جي بدلي اهڙي جنّت وڪڻي ٿو جنهن جي ويڪر زمين ۽ آسمان کان وڌيڪ آهي، ڪيتري نقصان ۾ آهي اهو شخص جيڪو وَيل (يعني جهنّم) جي بدلي طُوبيٰ (يعني جنّت) کي وڪڻي ٿو.[1]

الله پاڪ اسان کي ماپڻ تورڻ ۾ خيانت جي گناهہ کان محفوظ فرمائي! ڪاش! دل مان دنيا جي محبت نڪري وڃي، يقين ڪيو! هي صرف مال جي محبت آهي جيڪا ٻانهن کي طرح طرح جي گناهن ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندي آهي. ڪاش! دل مان دنيا جي لالچ ئي ختم ٿي وڃي تہ ڪافي گناهن کان بچي ويندا سين.

دل سے مرے دنیا کی محبّت نہیں جاتی
دن رات مسلسل ہے گناہوں کا تسلسل

سرکار! گناہوں کی بھی عادت نہیں جاتی
کچھ تم ہی کرو نا یہ نحوست نہیں جاتی (2)

---

[1] احياءالعلوم،كتاب:آداب الكسب ،باب الثالث : فى بيان العدل ،جلد:2،صفحہ:99۔

[2] ... وسائلِ بخشش ،صفحہ:382۔

## (3) نمازن ۾ سُستي ڪرڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! جهنمي وادي ويل جو حقدار بڻائڻ وارو ٽيون بُرو عمل آهي: نمازن ۾ سستي ڪرڻ. جيئن تہ: سيپاري 30، سوره ماعون، آيت: 4 ۽ 5 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| فَوَيۡلٌ لِّلۡمُصَلِّيۡنَۙ۝ الَّذِيۡنَ هُمۡ عَنۡ صَلَاتِهِمۡ سَاهُوۡنَۙ۝ (پاره:30، الماعون:4- 5) | ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ خرابي آهي انهن نمازين جي جيڪي پنهنجي نماز کان غافل وينا آهن. |

معلوم ٿيو: جيڪي نماز ۾ سستي ڪن ٿا، نماز کان غفلت ڪن ٿا، اهي جهنم جي ويل نالي خوفناڪ وادي جا حقدار آهن.

## نماز کان غفلت جون ڪجھ صورتون

پيارا اسلامي ڀائرو! نماز کان غفلت جون ڪيئي صورتون آهن، مثال طور نماز پابندي سان نہ پڙهڻ، صحيح وقت تي نہ پڙهڻ، فرائض ۽ واجبات کي صحيح طريقي سان ادا نہ ڪرڻ، بنا ڪنهن شرعي عُذر جي باجماعت نہ پڙهڻ، نماز جي پرواهہ نہ ڪرڻ، اڪيلائي ۾ قضا ڪرڻ ۽ ماڻهن جي سامهون پڙهي وٺڻ وغيره.

افسوس! افسوس! نماز کان غفلت جون ڪيئي صورتون هاڻي اسان جي معاشري ۾ تمام گهڻيون نظر اچن ٿيون، ڪيئي ماڻهو اهڙا آهن جيڪي نمازن جي پابندي ناهن ڪندا، نمازون قضا ڪندا آهن، نماز جي فرضن ۽ واجبن جي درست ادائيگي تہ پري جي ڳالھ، مسلمانن جو هڪ تعداد اهڙو آهي جن کي نماز جي فرضن ۽ واجبن جي پوري معلومات بہ ناهي هوندي، ڪيترا ئي اهڙا

آهن جيڪي نماز جي بلڪل پرواهه ئي ناهن ڪندا، ڪڏهن دل چوي ته نماز پڙهي ورتي، ڪڏهن نه پڙهي، ڪو 2 پڙهندو آهي، ڪو 4 پڙهي ڪري دل کي مڃائي وٺندو آهي، ڪو بنا عُذر جماعت ڇڏيندو آهي ۽ اهڙن جو به هڪ تعداد آهي جيڪي جمعو جمعو يا صرف عيد جي ڏينهن ئي مسجد جو رخ ڪندا آهن.

## نمازڪان غفلت جو وبال

ياد رکو! نماز دين جو اهم ترين رُڪن آهي، الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

فَخَلَفَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ خَلْفٌ اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ وَ اتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ فَسَوْفَ يَلْقَوْنَ غَيًّا ﴿۵۹﴾

(سيپارو: 16، سورة مريم: 59)

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ انهن جي پٺيان انهن جي جاءِ تي اهي نالائق ماڻهو آيا جن نمازون ضايع ڪيون ۽ پنهنجي خواهشن جي پٺيان لڳا سو عنقريب اهي جهنّم جي خوفناڪ واديءِ غَي سان ملندا.

هن آيتِ ڪريمه ۾ غَيّ جو تذڪرو آهي، حضرت علّامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: غَيّ جهنّم ۾ هڪ وادي آهي جنهن جي گرمي ۽ گهرائي سڀ کان وڌي آهي، ان ۾ هڪ کوهه آهي جنهن جو نالو هَب هَب آهي، جڏهن جهنّم جي باهه وسامڻ واري هوندي آهي الله پاڪ ان کوهه کي کولي ڇڏيندو آهي جنهن سان اها بدستور (يعني پهريان جيان) ڀڙڪڻ لڳندي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! خوفِ خُدا ۾ ڏڪي وڃو! گهبرائي ڪري جلدي پنهنجي گناهن کان توبهه ڪري وٺو! قرآنِ ڪريم ۾ ٻڌايو ويو ته جيڪي نمازون ضايع ڪندا آهن اهي غَي نالي جهنّم جي هولناڪ کوهه جا حقدار آهن. هن خوفناڪ کوهه کي سمجهڻ جي لاءِ ڪڏهن ڪنهن دنياوي وڏي کوهه جي ڪناري بيهي ڪري ان جي گهرائي ۾ نظر وجهو ۽ سوچيو ته جيڪڏهن دنيا جي ان

[1] بہارِ شریعت، جلد:1، صفحہ:434،حصہ:3۔

کوهه ۾ ئي قيد ڪيو وڃي ته ڇا اسان هن سزا کي برداشت ڪري سگهنداسين؟ جيڪڏهن نه ۽ يقيناً نه ته پوءِ جهنّم جي خوفناڪ کوهه جو عذاب ڪيئن برداشت ٿي سگهندو!

بے نمازی کی نحوست ہے بڑی | مر کے پائے گا سَزا بے حد کڑی

## بي نمازي جون ٽي شامتون

منقول آهي: قيامت جي ڏينهن نمازن ۾ سُستي ڪرڻ وارو هن حال ۾ ايندو جو ان جي چهري تي ٽي سٽون لکيل هونديون: (1): اي الله جو حق برباد ڪرڻ وارا! (2): اي الله جي غضب سان مخصوص! (3): جهڙيءَ طرح دنيا ۾ تو حقُّ الله يعني الله پاڪ جو حق ضايع ڪيو اهڙيءَ طرح اڄ تون به الله پاڪ جي رحمت کان مايوس ٿي وڃ.[1]

پڑھتے رہو نَماز تو جنت کو پاؤ گے | چھوڑو گے گر نَماز جہنم میں جاؤ گے

الله پاڪ اسان کي سچو، پڪو نمازي بڻجڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (4_5_6) ويل جو حقدار بڻائڻ وارا 3 اعمال

پيارا اسلامي ڀائرو! وڏيڪ کهڙا کهڙا بُرا عمل آهن، جيڪي ويل جو حقدار بڻائڻ وارا آهن. الله پاڪ فرمائي ٿو:

---

[1] الزواجر،الكبيرة السابعة و السبعون،جلد:1، صفحه:256۔

وَيۡلٌ لِّكُلِّ هُمَزَةٍ لُّمَزَةِۣ ۝١ الَّذِيۡ جَمَعَ مَالًا وَّ عَدَّدَهٗ ۝٢

(پاره:30، الهمزه:1- 2)

ترجموڪنزالعرفان: ان جي لاءِ خرابي آهي جيڪو ماڻهن تي عيب ڪڍي، پرپٺ گلا ڪري. جنهن مال گڏ ڪيو ۽ ان ڳڻي ڳڻي رکيو.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي 3 بُرا عمل آهن، جيڪي ويل نالي جهنمي وادي جو حقدار بڻائڻ وارا آهن: (1) ماڻهن تي عيب ڪڍڻ (يعني طعنا ڏيڻ) (2) پرپٺ برائي(يعني غيبت ڪرڻ) (3) ۽ مال جمع ڪرڻ.

افسوس هي ٽئي برايون اڄڪلهه اسان وٽ عام ٿي ويون آهن.

## طعنا ڏيڻ منع آهي

قرآن ڪريم ۾ ايمان وارن کي فرمايو ويو:

وَلَا تَلۡمِزُوۡۤا اَنۡفُسَكُمۡ وَلَا تَنَابَزُوۡا بِالۡاَلۡقَابِ ؕ

(پاره:26، الحجرات:11)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ پاڻ ۾ ڪنهن کي طعنو نه ڏيو ۽ هڪٻئي جا برا نالا نه رکو.

ڏسو! ڪيترو صاف لفظن ۾ اسان کي طعنو ڏيڻ کان منع ڪيو ويو آهي پر افسوس! اڄڪلهه اسان وٽ طعنا ڏيڻ، ماڻهن تي عيب ڪڍڻ کي معمولي سمجهيو ويندو آهي. ❁ ڪو غريب هجي ته ان کي غربت جو طعنو ڏنو ويندو آهي. ❁ ڪنهن جو رنگ ڪارو هجي ته طعنو. ❁ قد ننڍو هجي ته طعنو. ❁ ڪو گهٽو ڊگهو هجي ته طعنو. ❁ ڪو ٿلهو هجي ته طعنو. ❁ ڪو ڪمزور هجي ته طعنو. ❁ ڪنهن وٽ اولاد نه ٿي رهيو هجي ته طعنو. ❁ ڪو ويچارو اڻ پڙهيل يا گهٽ لکيل پڙهيل هجي ته طعنو. ❁ ڪنهن جو رشتو نه ٿي رهيو هجي ته طعنو.
❁ ڪنهن شاگرد کان غلطي ٿي وڃي ته طعنو ڏيڻ ته استاد يا والدين توڪي اهو

ئي سيڪاريو آهي؟ ۞ مريد ڪان غلطي ٿي وڃي تہ طعنو ڏيڻ تہ توهان جي پير اها تربيت ڏني آهي؟ ۞ ڪنهن تنظيم يا تحريڪ سان لاڳاپيل ماڻهو ڪان غلطي ٿئي تہ ان تحريڪ کي هلائڻ وارن کي طعنو....!! مطلب، طعنو ڏيڻ اڄڪلهه هڪ فيشن بڻجي چڪو آهي، ماڻهو ڳالهين ڳالهين ۾ اهڙا اهڙا طعنا ڏيندا آهن جو سامهون واري جي دل ٽٽي پوندي آهي پر ان جو ڪو احساس بہ ناهي ڪيو ويندو.

## طعنا ڏيڻ اسلامي شان جي خلاف آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! طعنو ڏيڻ يعني ٺٺول ڪرڻ هڪ سچي مسلمان جو ڪم ناهي. اللّٰہ پاڪ جي آخري نبي، رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو:

لَيْسَ الْمُؤْمِنُ بِالطَّعَّانِ وَلَا اللَّعَّانِ وَلَا الْفَاحِشِ وَلَا الْبَذِی يعني مؤمن طعنو ڏيڻ وارو، لعنت ڪرڻ وارو، بي حيائي جون ڳالهيون ڪرڻ وارو ۽ بدڪلام ناهي.[1]

حڪيم الأمت مفتي احمديارخان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْہ هن حديث شريف جي شرح ۾ لکن ٿا: يعني هي عيب سچي مسلمان ۾ ناهن هوندا، پنهنجا عيب نہ ڏسڻ ٻين مسلمانن جا عيب ڳولهڻ، هر ڪنهن تي لعنت طعنا ڏيڻ اسلامي شان جي خلاف آهي.[2]

## طعني جي جواب ۾ طعنو نہ ڏيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن ڪو اسان کي طعنو ڏي تہ ان جي جواب ۾ بہ طعنو ڏيڻ کان بچڻ ئي بهتر آهي. رسول اڪرم، نورمجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪڏهن ڪو شخص توهان کي توهان جي ڪنهن عيب جو طعنو

---

[1] ترمذی،کتاب البر و الصلة،باب ما جاء فی اللعنہ،صفحہ:481 ،حدیث:1977۔
[2] مرآة المناجيح،جلد:6،صفحہ:469۔

ڏي تہ توهان ان کي سندس عيب جو طعنو هرگز نہ ڏيو ڇوتہ توهان کي ان جو ثواب ملندو ۽ طعنو ڏيڻ واري تي وبال ٿيندو.[1]

الله پاڪ اسان کي طعني ڏيڻ يعني ٺٺول ڪرڻ، منهن تي عيب ڪڍڻ ۽ ٻين کي تڪليف پهچائڻ کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب        صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غيبت ڪرڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! غيبت ڪرڻ بہ جهنمي وادي ويل جو حقدار بڻائي ٿو. ڪنهن جي باري ۾ ان جي غير موجودگي ۾ اهڙي ڳالهہ ڪرڻ جيڪڏهن اهو ٻڌي وٺي يا ان کي پهچي تہ ان کي ناپسند لڳي ان کي غيبت چئبو آهي.[2] افسوس! افسوس! اڄڪلهہ هي آفت بہ اسان وٽ گهڻي عام ٿي وئي آهي، شل نہ ڪي بہ ماڻهو گڏجن پوءِ غيبتن ۽ چغلين جو بازار ڪُلي ويندو آهي، دڪان تي ويهو تہ غيبتون، دسترخوان تي ويهو تہ غيبتون، گاڏي ۾ ويهو تہ غيبت، آفس ۾ پهچو تہ غيبت، گهر ۾ ويهو تہ غيبت، ايستائين جو مسجد ۾ نماز جي انتظار ۾ ويٺل ماڻهو بہ غيبت ڪري جهنم جا حَقدار بڻجي رهيا هوندا آهن.

## غيبت جون تباهہ ڪاريون

پيارا اسلامي ڀائرو! غِيبت انتهائي نقصانده عمل آهي. قرآن پاڪ ۾ آهي:

---

[1] ابنِ حبان،کتاب البر و الاحسان،فصل من البر و الاحسان،صفحہ:255،حدیث:522۔
[2] بہارِ شریعت، جلد:3، صفحہ:532، حصہ:16 بتغیر قلیل۔

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اجْتَنِبُوْا كَثِيْرًا مِّنَ الظَّنِّ٘ اِنَّ بَعْضَ الظَّنِّ اِثْمٌ وَّلَا تَجَسَّسُوْا وَلَا يَغْتَبْ بَّعْضُكُمْ بَعْضًا ؕ اَيُحِبُّ اَحَدُكُمْ اَنْ يَّاْكُلَ لَحْمَ اَخِيْهِ مَيْتًا فَكَرِهْتُمُوْهُ ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ تَوَّابٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۲﴾

(پاره:26، الحجرات:12)

**ترجموڪنزالعرفان:** اي ايمان وارؤ! گھڻي گمان کان بچو! بيشڪ ڪو گمان گناھ ٿي ويندو آھي ۽ (لڪيل ڳالھين جي) جاسوسي نہ ڪيو ۽ ھڪٻئي جي گلا نہ ڪيو ڇا توھان مان ڪو پسند ڪندو تہ پنھنجي مئل ڀاءُ جو گوشت کائي تہ اھو توھان کي نہ وڻندو ۽ الله کان ڊڄو بيشڪ الله نهايت توبہ قبول ڪرڻ وارو مهربان آھي.

شيخ طريقت امير اهل سنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ غيبت جي تباھ ڪارين جو خلاصو ڪندي لکن ٿا: ۞ غيبت ايمان کي ڪَپي ڇڏيندي آھي. ۞ **غيبت بُري** خاتمي جو سبب آھي ۞ ڪثرت سان **غيبت** ڪرڻ واري جي دعا قبول ناھي ٿيندي ۞ **غيبت** جي ڪري نماز روزي جي نورانيّت ختم ٿي ويندي آھي. ۞ **غيبت** سان نيڪيون برباد ٿينديون آھن ۞ **غيبت** نيڪيون ساڙي ڇڏيندي آھي ۞ **غيبت** ڪرڻ وارو توبھ ڪري بہ ڇڏي تڏھن بہ سيني کان آخر ۾ جنّت ۾ داخل ٿيندو. مطلب تہ **غيبت گناھِ ڪبيره، قَطعِي حَرام ۽ جَھنّم** ۾ **وٺي وڃڻ** وارو ڪم آھي ۞ **غيبت زنا** کان سخت تر آھي ۞ مسلمان جي **غيبت** ڪرڻ وارو وِياج کان بہ وڏي گناھ ۾ گرفتار آھي ۞ **غيبت** کي جيڪڏھن سمنڊ ۾ وِڌو وڃي تہ سمورو سمنڊ بدبودار ٿي وڃي ۞ **غيبت ڪرڻ** واري کي **جَھنّم ۾ ڊُونِد** کائڻو پوندو ۞ **غيبت** مُئل ڀاءَ جي گوشت کائڻ برابر آھي ۞ **غيبت** ڪرڻ وارو قبر جي عذاب ۾ گرفتار ٿيندو ۞ **غيبت** ڪرڻ وارو ٽامي جي ننهن سان پنھنجي چھري ۽سيني کي ھر ھر رھڙي رھيو ھو ۞ **غيبت** ڪرڻ واري کي اُن جي پاسن کان گوشت ڪَٽي ڪَٽي ڪارايو پيو وڃي ۞ **غيبت** ڪرڻ وارو قيامت ۾ ڪُتي جي شڪل ۾ اٿندو ۞ **غيبت**

ڪرڻ وارو جهنّم جو ٻاندَر هوندو ۞ **غيبت ڪرڻ** واري کي دوزخ ۾ پنهنجو ئي گوشت کائڻو پوندو ۞ **غيبت ڪرڻ** وارو ٿهڪندڙ پاڻي ۽ باهه جي وچ ۾ موت گهرندي پيو پڇندو ۽ ان کان جهنّمي بہ بيزار هوندا ۞ **غيبت ڪرڻ** وارو سيني کان اڳ ۾ جهنّم ۾ ويندو.[1]

الله پاڪ جي پناهہ ...!!!

| | |
|---|---|
| مجھے غیبتوں سے بچا یاالٰہی | گناہوں کی عادت چھڑا یاالٰہی |
| پئے مرشدی دے مُعافی خدایا | نہ دوزخ میں مجھ کو جلا یاالٰہی |

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ اسان کي غيبت، چغلي، ڪوڙ ۽ وعده خلافي وغيره گناهن کان بچڻ ۽ نيڪ ڪم ڪري جنت جو حَقدار بڻجڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## مال جمع ڪرڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! وڏيڪ ڪير آهي جيڪو جهنم جي هولناڪ وادي جو حقدار ٿيندو، الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| الَّذِیْ جَمَعَ مَالًا وَّ عَدَّدَهٗ ۙ (۲) (پاره:30، اَلْهُمَزَة:2) | ترجمو ڪنزالعرفان: جنهن مال گڏ ڪيو ۽ ان ڳڻي ڳڻي رکيو. |

خيال رهي! ضرورت جيترو مال جمع ڪرڻ ۽ ڳڻي ڳڻي رکڻ شرعي طور جائز آهي، گناهہ ناهي. باقي! مال گڏ ڪرڻ جون ڪجهہ صورتون گهٽيون بريون آهن، مثلاً حرام ذريعي کان مال ڪمائڻ ۽ گڏ ڪرڻ. ۞ جمع ڪيل مال مان

---

[1] غيبت کی تباہ کاریاں ،صفحہ:26 ملتقطًا۔

شرعي حق (مثلاً زڪوات وغيره) ادا نه ڪرڻ. ❁ مال گڏ ڪرڻ ۾ ايئن مشغول ٿيڻ جو الله پاڪ کي وساري ئي ڇڏي، مال جي حرص ۾ نماز روزي ۽ ٻين عبادتن جي طرف توجھ نه ڪرڻ وغيره. مال جمع ڪرڻ جي اهڙي صورت هجي ته هي گھڻو نقصانده ۽ هلاڪت ۾ وجھڻ واري آهي.

آہ!دولت کی حفاظت میں توسب ہیں کوشاں
حِفظِ ایماں کا تصوُّر ہی مِٹا جاتا ہے
یاد رکھوّ! وُہی بے عقل ہے اَحمق ہے جو
کثرتِ مال کی چاہت میں مرا جاتا ہے
اپنی الفت کا مجھے جام پلادو ساقی
قلب دنیا کی محبت میں پھنسا جاتا ہے [1]

## توهان کي هلاڪ ڪيو مال جي گھڻي طلب

الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

اَلْهٰكُمُ التَّكَاثُرُۙ(۱) حَتّٰى زُرْتُمُ الْمَقَابِرَؕ(۲)
(پاره30،التكاثر:1-2)

ترجمو ڪنزالايمان: توهان کي غافل رکيو مال جي گھڻي طلب ايستائين جو توهان قبرن جو منهن ڏٺو.

قرآن ڪريم جي هنن آيتن ۾ اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته اسان هن دنيا ۾ مختصر وقت جي لاءِ آيا آهيون، هڪ ڏينهن هتان ڪان هليا وينداسين ۽ قبر ۾ لهي وينداسين، اسان هي ڳالھ ڄاڻيون ٿا پر مال جي زياده طلب، حرص ۽ لالچ اسان کي غافل ڪري ڇڏيو، لک مليو ته ٻه گھرون ٿا، 2 لک ملن ته 4 لکن جي خواهش آهي، ڪروڙ پتي ٻڻجون ته ارب پتي ٻڻجڻ جي هَوَس هوندي آهي، انهي ڌن ۾ مست، نه مرڻ ياد، نه قبر ۾ لهڻ ياد، نه نڪيرين جي سوالن جو فڪر، نه قبر جو دٻايو وڃڻ ياد، نه قبر جي تنگي. نه اتي جي اونداهه ۽ اتي جي تنهائي ياد، نه قيامت جي ڏينهن اٿڻ ياد، نه هرهر نعمت جو حساب ڏيڻ ياد آهي،

[1]...وسائل بخشش، صفحه:432.

ها، رکُو ياد آهي تہ هَلْ مِن مَّزِيْد (يعني اجا ڪپي، اجا ڪپي) جو نعرو ياد آهي، رکُو ان ۾ مشغول ٿي زندگي جا ڏينهن ڪاٽي رهيا آهيون، پر اسان ياد رکون يا وساري ڇڏيون، هڪ ڏينهن حضرت عزرائيل عَلَيْهِ السَّلَام تشريف ڪٽي ايندا، ساهہ مُنجهندو، آخري هڏڪي ايندي ۽ روح بدن مان نڪري ويندو، پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي اسان کي اونداهي قبر ۾ لاٿو ويندو، مال دولت جو ڍير، بينڪ بيلنس، ڪاريون، ڪوٺيون، بنگلا سيئي هتي جو هتي رهجي ويندا.

تو نے منصب بھی کوئی پایا تو کیا
گنجِ سیم و زَر بھی ہاتھ آیا تو کیا
قصرِ عالیشان بھی بنوایا تو کیا
دبدبہ بھی اپنا دکھلایا تو کیا

ایک دِن مرنا ہے، آخر موت ہے
کرلے جو کرنا ہے، آخر موت ہے

عیش کر غافل نہ تو آرام کر
مال حاصل کر نہ پیدا نام کر
یادِ حق دُنیا میں صبح و شام کر
جس لئے آیا ہے تو وہ کام کر

ایک دِن مرنا ہے آخر موت ہے
کرلے جو کرنا ہے آخر موت ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جائيداد نہ بڻايو! نہ تہ دنيا جا تي ڪري رهجي ويندؤ

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ اسان کي مال جي محبت کان محفوظ فرمائي. ايمان جي مضبوطي ۽ اخلاق ۽ ڪردار جي دُرُستگي ان ۾ آهي تہ انسان هرگهڙي موت، قبر ۽ آخرت کي ياد رکي پر دُنياوي مال جو هڪ انتهائي بُرو اثر هي آهي تہ ان جي محبت انسان کي غافل ڪري ڇڏيندي آهي، مال جي

محبّت جي ڪارڻ انسان آخرت کي وساري ڇڏيندو آهي، دُنيا ۽ ان جي محبت دل ۾ گهر ڪري ويندي آهي ۽ دنيا جي محبّت ئي اها شيءِ آهي جيڪا انسان کي گناهن ۽ بُرائين جي اونهي کڏي ۾ ڌڪي ڇڏيندي آهي. انهي ڪري اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: لَا تَتَّخِذُوا الضَّيْعَةَ فَتَرْغَبُوا فِي الدُّنْيَا يعني (اي انسانو...!!) جائيداد (Property) نه ٺاهيو! نه ته دنيا جا ٿي ڪري رهجي ويندؤ.[1]

## مال کي اڳتي موڪلي ڇڏيو

حديثِ پاڪ ۾ آهي: هڪ ڀيري هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو، عرض ڪيائين: يَا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مون کي ڇا ٿي ويو آهي جو مان موت کي پسند نٿو ڪيان (يعني منهنجي دل دُنيا ڏانهن مائل آهي، مان پنهنجي دل ۾ آخرت ڏانهن لاڙو گهٽ ٿو ڏسان ۽ موت جيڪو جنّت تائين پهچائڻ جو رستو آهي، مون کي اهو موت پسند ناهي) سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ڇا تو وٽ مال آهي؟ عرض ڪيائين هائو! يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! فرمايائون: پنهنجو مال (آخرت جي لاءِ صدقو ۽ خيرات ڪري) اڳتي موڪلي ڇڏ! ڇو ته انسان جي دل پنهنجي مال سان هوندي آهي، جيڪڏهن هي پنهنجي مال کي اڳتي موڪلي ڇڏي (يعني صدقو ۽ خيرات ڪري ڇڏي) ته ان سان ملڻ چاهيندو آهي ۽ جيڪڏهن مال کي پوئتي ڇڏي ڏي ته ان سان پوئتي رهڻ چاهيندو آهي.[2]

ہمارے دل سے نکل جائے الفتِ دنیا | دے دل میں عشقِ مُحَمَّد مرے رچا یاربّ![3]

[1] ترمذی، کتاب الزہد، صفحہ:557، حدیث:2328۔
[2] الزہد لابن المبارک، جز:5، صفحہ:224، حدیث:634
[3] ...وسائل بخشش، صفحہ:82۔

# مال تہ جمع ڪيو پر....!!

هڪ پيري ڪنهن نيڪ بزرگ جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو: فلاڻو شخص مال جمع ڪري رهيو آهي. الله پاڪ جي نيڪ ٻانهي نهايت پياري ڳالهہ ارشاد فرمائي، فرمايائون: اهو مال تہ جمع ڪري رهيو آهي، ڇا ان کي خرچ ڪرڻ لاءِ ڏينهن بہ جمع ڪري رهيو آهي.[1]

هي هڪ واضح حقيت (Reality) آهي، مال جيسيتائين اسان وٽ هجي، پلي تجوريون پريل هجن، اسان ڪروڙين روپين جا مالڪ هجون، هي مال اسان کي بلڪل نفعو نٿو پهچائي سگهي، مال جو فائدو ان وقت ٿيندو آهي جڏهن انسان ان کي خرچ ڪندو آهي ۽ مال کي خرچ ڪرڻ جي لاءِ وقت گهرجي، زندگي گهرجي! ساهہ هلي رهيو هجي، تڏهن ئي انسان مال مان فائدو حاصل ڪري سگهي ٿو، پر معاملو ايئن آهي جو انسان مال جي پويان پڄندو آهي، روپيو روپيو ڪري مال گڏ ڪندو آهي، ان جي تجوري ۾ مال وڌندو ويندو آهي، بينڪ بيلنس ۾ اضافو ٿيندو ويندو آهي ليڪن افسوس! ان سان گڏوگڏ زندگي گهٽ ٿيندي ويندي آهي. هيڏانهن تجوري پرجندي آهي، هوڏانهن زندگي ختم ٿي ويندي آهي

سیٹھ جی کو فکر تھی کہ اِک اِک کے دَس دَس کیجئے!

موت آ پہنچی کہ مسٹر جان واپس کیجئے!

هاڻ 2 ئي ڪم هوندا آهن: (1) مال سان محبت ڪرڻ وارو، مال جي حِرص ۾ آخرت کي وسارڻ وارو خالي هٿين قبر ۾ لهي ويندو آهي (2) ۽ ان جو

[1] مجموع رسائل ابن رجب ، جلد:1، صفحہ:65۔

جمع ڪيل مال سندس وارث مزي سان اُڏائيندا آهن .افسوس!

چه چِيزَے بَه چِه چِيزَے رَفت

يعني هاءِ افسوس! ڪيتري قيمتي زندگي، ڪيتري حقير ڪم ۾ گذري وئي...!!!.

افسوس گھٹتی جارہی ہے زِندگی پرمیں | دباہی جاتاہوں عِصیاں کے بار میں[1]

مال جي طلب ۾ ايئن گم ٿياسين جو نماز جي فرصت ئي نه ملي، دنيا ڪمائڻ جي اهڙي فڪر هئي جو تلاوت قرآن جو موقعو ئي نه ملي سگهيو، سڄي زندگي مال ڪمائڻ ۽ گڏ ڪرڻ ۾ گذري وئي. افسوس..!! آخرت جي لاءِ ڪجھ ڪيو ئي نه هيو، دنيا به هٿن مان وئي، هاڻي هٿين خالي قبر جي اونداهيءَ ۾ پيل آهيون.

اللہ! حُبِّ دنیا سے تُو مجھے بچانا | سائل ہوں یاخدا میں عشقِ محمدی کا
کچھ نیکیاں کمالے جلد آخرت بنالے | کوئی نہیں بھروسا اے بھائی! زندگی کا[2]

## قبر جو ساٿي ڪير....؟

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: انسان جا 3 دوست آهن: (1): هڪ اهو جيڪو ان جي روح نڪرڻ تائين ان سان گڏ هوندو آهي (2): ٻيو ان جي قبر تائين گڏ ويندو آهي ۽ (3): ٽيون ميدانِ محشر تائين ساٿ ڏيندو آهي. انسان جو اهو دوست جيڪو ان جي مرڻ تائين گڏ هوندو آهي، اهو سندس مال آهي ۽ انسان جو اهو دوست جيڪو قبر تائين ويندو

---

[1]...وسائل بخشش، صفحه:274۔

[2]...وسائل بخشش، صفحه:178ملتقطاً۔

آهي، اهي سندس گهر وارا آهن ۽ انسان جو اهو باوفا دوست جيڪو ميدانِ محشر تائين گڏ هوندو آهي اهو سندس عمل آهي.

دولتِ دنیا کے پیچھے تُو نہ جا | آخرت میں مال کا ہے کام کیا!
مالِ دنیا دو جہاں میں ہے وَبال | کام آئے گا نہ پیشِ ذوالجلال[1]

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي مال جي حِرص ۽ محبت کان بچڻ گهرجي، باقي ان جي محبت ۾ پئجي ڪري ڏينهن رات بس مال ڪمائڻ ۽ جمع ڪرڻ ئي جي فڪر ۾ رهڻ، مال جي محبت جي سبب آخرت کي وساري ڇڏڻ، نيڪ عملن کان پري ٿي وڃڻ سراسر ناداني آهي. اللہ پاڪ اسان کي مال جي حِرص کان محفوظ فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو

اي عاشقانِ رسول! نيڪ بڻجڻ، گُناهن کان بچڻ ۽ ان ذريعي اللہ پاڪ جي محبت ماڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ جي لاءِ عاشقان رسول سان مدني قافلن ۾ سَفر ڪرڻ جو معمول بڻايو، هن جي برڪت سان اِنْ شَآءَاللہ! عاشقانِ رسول جي صحبت ملندي، عِلمِ دين سکڻ نصيب ٿيندو، نيڪيون ڪرڻ، گُناهن کان بچڻ جو ذِهن بڻجندو ۽ سڀ کان اَهم ڳالهه هي آهي جو سُنَّتِ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام يعني نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو موقعو نصيب ٿيندو.

## گُناهن کان ڇوٽڪارو ملي ويو

هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: مان دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ اچڻ کان پهريان گُناهن جي دلدل ۾ ڦاٿل هئس، شراب پيئڻ، ماءُ پيءُ

[1]... وسائلِ بخشش،صفحہ:709- 710۔

کي ستائڻ، نمازون قضا ڪرڻ منهنجو معمول هو، هڪ ڀيري منهنجي پاڙيچي مون کي مدني قافلي ۾ سفر جي دعوت ڏني، مان ٽاريندو رهيس پر ان همت نه هاري ۽ مسلسل دعوت ڏيندو رهيو، نيٺ هڪ ڀيري مان مدني قافلي جو مسافِر بڻجي ئي ويس، مدني قافلي دوران نيڪي جي دعوت، سنتن ڀريا بيان ٻڌڻ جو موقعو مليو، گڏوگڏ ئي شيخِ طريقت، اميرِاهلسنت بانيء دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهمُ الْعَالِيه جا مختلف رسالا پڙهڻ به نصيب ٿيا، بس انهن سيني شين جو مون تي اهڙو اثر ٿيو جو دِل ۾ انقلاب برپا ٿي ويو، مون گُناهن کان سچي پڪي توبہ ڪئي، شراب ڇڏي، نمازون پڙهڻ لڳس ۽ ماءُ پيءُ جو فرمانبردار بڻجي ويس، اَلْحَمْدُ لله! مدني قافلي جي برڪت سان مون ڏاڙهي شريف رکي، مٿي تي عمامي جو تاج سجايو، هاڻي مان هڪ مسجد جو مؤذن آهيان ۽ پنج ئي نمازون باجماعت مسجد ۾ ادا ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو.[1]

اُلفتِ مصطفےٰ اور خوفِ خُدا چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم، چاہئے چشمِ نَم لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## "ماهوار فيضانِ مدينہ" ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي آئي، ٽي ڊيپارٽمنٽ هڪ تمام پياري موبائل ايپليڪيشن جاري ڪئي آهي، ان جو نالو آهي: ماهوار فيضان مدينہ (Mahnama Faizan e Madina).

هن ايپليڪيشن ۾ هن وقت تائين جارِي ٿيندڙ سمورا ماهوار رسالا PDF جي صُورت ۾ موجود آهن، ان کان عِلاوه تمام ماهوار مضمون (آرٽيڪلز) ٽيڪسٽ جي صورت ۾ موجود آهن جن کي ڪاپي ڪري شيئر ڪري سگهجي ٿو * سهولت جي لاءِ سرچ آپشن بہ ڏنو ويو آهي، جنهن جي مدد سان ماهوار جو ڪو مضمون وغيره تلاش بہ ڪري سگهجي ٿو. اوهان بہ اها ايپلي ڪيشن پنهنجي اِسمارٽ فون ۾ انسٽال ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجهه سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِرِسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## عيادت سنّت مصطفي آهي

2 فرامينِ مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ! (1): جيڪو مريض جي عيادت ڪندو آهي، اهو جنّت جي باغن ۾ ويهندو آهي، جڏهن اهو ٻيهندو آهي تہ 70

1 مشكوٰة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة ،الفصل الثاني،55/1،حديث:175

هزار ملائڪ رات تائين ان جي لاءِ دعا ڪندا آهن.[1] (2): جنهن بہ سنّي طريقي سان وُضُو ڪيو پوءِ ثواب جي نيّت سان پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عِيادت ڪئي تہ ان کي جهنّم کان 70 سالن جي فاصلي تائين پري ڪيو ويندو.[2]

اي عاشقانِ رسول! بيمار جي عِيادت ڪرڻ سنّتِ مصطفٰي بلڪ سنّتِ انبياء آهي نبين جي نبي رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عادتِ ڪريمہ هئي تہ ڪنهن صحابي (رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه) جي بيمار هجڻ جي اطلاع ملندي هئي تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان جي عيادت جي لاءِ تشريف وٺي ويندا هئا جيڪڏهن ڪو شخص 3 ڏينهن مسجد کان غائب رهندو هو تہ پاڻ ان جي متعلق ماڻهن کان پڇندا هئا، جيڪڏهن اهو بيمار ٿيندو تہ ان جي عيادت فرمائيندا[3] ۽ عيادت جي لاءِ جيڪڏهن مديني شريف جي آخري ڪناري تائين بہ وڃڻو پوندو هو تہ تشريف وٺي ويندا ۽ پنهنجي صحابہ (رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهم) جي عيادت فرمائيندا.[4] مشهور مُفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ اخلاقن مان آهي تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ هر امير ۽ غريب جي گهر بيمار کي پڇڻ جي لاءِ تشريف وٺي ويندا[5] حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عادتِ ڪريمہ هيءَ هئي تہ جڏهن ڪنهن مريض جي عيادت جي لاءِ تشريف وٺي ويندا هئا تہ هي فرمائيندا هئا: لَابَأْسَ طَهُوْرٌ اِنْ شَآءَ اللّٰه (يعني: ڪا حرج جي ڳالهہ ناهي اللّٰه پاڪ چاهيو تہ هي مرض (گناهن

---

[1] شعب الايمان، مريض کی عيادت کا باب، جلد:6، صفحہ:531، حديث:9171۔
[2] ابو داؤد، کتاب:جنائز، باب :وضو ميں عيادت کی فضيلت، صفحہ: 500، حديث:3097۔
[3] مسند ابی يعلی، جلد:3، صفحہ: 141، حديث: 3429۔
[4] مسلم،کتاب: جنائز، مريض کی عيادت کا باب ،صفحہ:331، حديث:925خلاصةً۔
[5] مرآۃ المناجيح، جلد: 2، صفحہ:407۔

ڪان پاڪ ڪرڻ وارو آهي)[1]

عيادت ۽ ڪيئي روحاني علاجن جي متعلق وڌيڪ معلومات جي لاءِ امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو رسالو بيمار عابد پڙهو.

مختلف سنتون سکڻ لاءِ مڪتبة المدينہ جو ڪتاب بهار شريعت جلد نمبر 3، حصو: 16، ۽ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ ، 91 صفحن تي مشتمل 550 سنتون ۽ آداب خريد ڪري پڙهو، سنتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلاميءَ جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ سنتن پريو سفر بہ آهي،

اُلفتِ مصطفےٰ اور خوفِ خدا
چاہیے گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم چاہیے چشمِ نم
لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو(2)

الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري

## اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن

1 بُخاری،کتاب: المناقب، صفحہ:919، حدیث:3616 ۔

2 ...وسائل بخشش، صفحہ:669۔

دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين ھو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِىَ اللهُ عَنْه ڪان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.
[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

## ﴿4﴾ ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65
[3] ... القول البديع، الباب الثانى، ص277

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[1]

## (5) قُربِ مُصطفٰي ﷺ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِىَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَه ڪرام رَضِىَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[2]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ اَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[3]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

[1]... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2]... القول البديع، الباب الاول، ص125

[3]... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ عَنۡهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الۡحَلِيۡمُ الۡكَرِيۡمُ، سُبۡحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبۡعِ وَرَبِّ الۡعَرۡشِ الۡعَظِيۡم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [2]

صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد    صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب!

[1]… مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

[2]… ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455